SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.X OF 1974

سنڌ لينڊ روينيو فرسٽ ڊرافٽ اسيسمينٽ لسٽس (ويليڊيشن) آرڊيننس، 1974

THE SINDH LAND REVENUE FIRST DRAFT ASSESSMENT LISTS (VALIDATION) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. ڊرافٽ اسيسمينٽ فهرستن جي ويليڊيشن
Validation of draft assessment lists

سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.X OF 1974
سنڌ لينڊ روينيو فرسٽ ڊرافٽ اسيسمينٽ لسٽس (ويليڊيشن) آرڊيننس، 1974
THE SINDH LAND REVENUE FIRST DRAFT ASSESSMENT LISTS (VALIDATION) ORDINANCE, 1974

[17 آگسٽ 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ روينيو فليٽ ريٽ اسيسمينٽ رولز، 1973 تحت جوڙيل فرسٽ ڊرافٽس اسيسمينٽ فهرستن جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لينڊ روينيو فليٽ ريٽ اسيسمينٽ رولز، 1973 تحت جوڙيل فرسٽ ڊرافٽس اسيسمينٽ فهرستن جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ روينيو فرسٽ ڊرافٽ اسيسمينٽ لسٽس (ويليڊيشن) آرڊيننس، 1974

سڌيو ويندو.

2. سنڌ لينڊ ريونيو فليٽ ريٽ اسيسمينٽ رولز 1973 تحت جوڙيل فرسٽ ڊرافٽ اسيسمينٽ فهرستون پبلڪ نوٽيس ملڻ تائين، جيئن ڇاڻايل قاعدن جي رول نمبر 7 جي ذيلي رول (2) موجب گهربل هجي، ڏنو نہ ويو هجي، اهو ڪارگر ۽ هميشہ ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ قانوني طور موثر هوندو ۽ ڪو بہ حڪم يا عدالتي فيصلو اهڙي ڪنهن فهرست جي ڪارگر هئڻ تي اثرانداز نہ ٿيندو ۽ قانوني قدم نہ کڄندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

commencement

ڊرافٽ اسيسمينٽ فهرستن جي ويليڊيشن

Validation of draft assessment lists